

LAS
LEGAL AID SOCIETY

# تڪرار جي بنيري جا ٻيا طريقا

## عوام لاءِ ڪتابچو



# تڪرار جي بنيري جا ٻيا طريقا

## عوام لاءِ ڪتابچو

ڪاپي رائيٽ ©2017 ليگل ايڊ سوسائٽي

مواد: فراست رضوانه صديقي
خاڪو نگار: اميره رحمٰن

هن تڪرار جي بنيري جا ٻيا طريقا عوام لاءِ ڪتابچو جي سموري لکت ليگل ايڊ سوسائٽي جي خاص علمي ملڪيت آهي ۽ ان جي غير مجاز تياري، تقسيم، ترميم، استعمال ڀلي ڪنهن به صورت ۾هجي يا ڪنهن به زريعي هجي، فوٽو ڪاپي ڪرائڻ يا ڪنهن ٻئي اليڪٽرونڪ يا مڪينيڪل طريقي سان ان ترسيل سميت غير قانوني آهن. هن چتاء ڪان منهن موڙڻ علمي ملڪيت جي حق جي ڀڃڪري تصور ڪئي ويندي .

ڪنن به مجاز طريقي سان ڪم ڪرڻ جي ٻيهر تياري، ورهاست، استعمال يا ڪم جي ترسيل تي ليگل ايڊ سوسائٽي ڪاپي رائيٽ جي مالڪ طور سڃاتي ويندي.

# ليگل ايڊ سوسائٽي جو تعارف

ليگل ايڊ سوسائٽي (ايل اي ايس) هڪ بغير منافعي واري تنظيم آهي جيڪا سنڌ ۾ قانوني جاڳرتا پيدا ڪرڻ ۽ قانوني خدمتن جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي، اها خداختياري خاص طور تي پوئتي پيل ۽ سهولتن کان محروم شهرين، عورتن ۽ مذهبي اقليتن لاءِ قانوني خدمتون ۽ رياستي عنصرن جي صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ پڻ ڪوششون ڪري رهي آهي .

هن ڪتابچي ۾ تڪرار حل ڪرڻ جي متبادل طريقن (اي ڊي آر) جي مختلف خيالن کي عوام ۾ متعارف ڪرائڻ توڙي اي ڊي آر جي استعمال ڪندڙن لاءِ سهولت پيدا ڪرائڻ لاءِ ڇپرايو ويو آهي، هن ڪتابچي ٺئ ڇپرائن جو مقصد اهو آهي ته پڙهندڙن کي اي ڊي آر جي مختلف طريقيڪارن کان واقف ڪرايو وڃي ۽ انهن جي پنهنجا تڪرار حل ڪرائڻ لاءِ عدالتن سان لاڳاپيل اي ڊي آر جا طريقا استعمال ڪرڻ لاءِ همت افزائي ڪئي وڃي .

# توهان ۽ تڪرار

هر ماڻهو هڪ نه ٻئي طريقي سان پنهنجي حقن، وسيلن ۽ ملڪيت جي حق جي لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي، ان سان مختلف خيال وجود ۾ اچن ٿا ۽ ضرورتن، مقصون، اوليتن، ڪم ڪرڻ جي طريقن ۽ عقيدن جي حوالي سان اختلاف به پيدا ٿين ٿا جڏهن اهو ٿئي ٿو ته توهان تبديل ٿيڻ لڳو ٿا ان سان اوهان جي رشتن تي اثر پون ۽ تڪرار به اپرن ٿا ·

ڪيترائي طريقا آهن جنهن ذريعي ماڻهو تڪرارن کي منهن ڏئي سگهن ٿا، هڪ ماڻهو پلي تڪرار کي نظرانداز ڪري شين کي جيئن جو تئين هلائي سگهي ٿو. اهو پلي تڪرار ۾ آيل فردن سان ڳالهائي ڪو حل ڳولهي سگهي ٿو، اهو ڪنهن ٻئي اعتماد جوڳي اداري جيئن عدالتن، ضلعي ۽ يونين ڪائونسلن يا پوليس وغيره کي به وچ ۾ آڻي سگهي ٿي·



# تڪرارن کي منهن ڏيڻ ۽ حل ڪرڻ جا طريقا




تڪرارن کي حل ڪرڻ جا مختلف طريقا آهن، گهڻا ماڻهو ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪرڻ کان واقف آهن، گهڻو ڪري جڏهن تڪرارن کي عدالتن تائين آندو وڃي ٿو ته اهي يڪدم وڏي وڃن ٿا، قانوني مقدمہ بازي هڪ عام رواجي پر وڏي خرچ وارو طريقو آهي ۽ اسان مان گهڻائي قانوني موجهارن ۽ لاڳاپيل قانونن کان اڻ واقف آهن، اهي تڪرار عوام آڏو پڌرا ٿي ويندا آهن ۽ مختلف طريقن سان انهن کي ٻڌو ويندو آهي.

هن ڪتابچي جو مقصد اهو آهي ته اوهان کي تڪرار حل ڪرڻ جي مختلف طريقن کان آگاهي ڏجي ته جيئن اوهان پنهنجا مسئلا حل ڪري سگهو ۽ اوهان کي تڪرار حل ڪرڻ جي ٻين طريقن جي فائدن ۽ حدن بابت ڄاڻ ڏني وڃي جن کي عام طور تي اي ڊي آر سڏيو وڃي ٿو(الٽرنيٽو ڊسپيوٽ ريزوليشن) .



# تڪرار حل ڪرڻ جا متبادل طريقا ڇا آهن



اي ڊي آر(الٽرنيٽو ڊسپيوٽ ريزوليشن) هڪ اهڙو طريقو آهي جنهن ۾ ڪنهن اڻ ڌرئي فرد ( اي ڊي آر ڪرائيندڙ فرد جيئن ته ثالث) ذريعي تڪرار حل ڪيو ويجي ٿو جنهن ۾ اهو فرد تڪرار ۾ آيل ڌرين کي ڪورٽ ۾ وڃڻ کان سواءِ ئي تڪرار حل ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪري ٿو.

اي ڊي آر ذريعي ماڻهو پنهنجو تڪرار ان کان اڳ ۾ ئي حل ڪري وٺن ٿا جو اهو وڌو ٿي وڃي يا ڪورٽن تائين پهچي يا وري قانوني مقدمي بازي ضروري ٿي وڃي. اي ڊي آر تمام گهڻو لچڪدار ٿئي ٿو ۽ گهڻو ڪري هر قسم جي تڪرار کي حل ڪرڻ لاءِ مددگار ثابت ٿئي ٿو ان حد تائين جو اهي معاملا عدالتن ۽ ٽربيونلن تائين نٿا پهچن.







اي ڊي آر جا ڪيترائي طريقيڪار آهن جن ۾ گالهين، ٽياڪڙي/ پرچاءُ ڪرائڻ، ڪنسيليشن، آربيٽريشن/نبيرو ڪرائندڙ ۽ محتسب جون آفيسون اهي طريقيڪار هن ڪتابچي ۾ تفصيل سان سمجهايا ويا آهن. اي ڊي آر جو هر طريقيڪار ٻئي ڪان مختلف آهي ۽ هر طريقيڪار ۾ لڳندڙ وقت يا پئسي جو مقدار به طريقيڪار ۽ تڪرار جي نوعيت جي حوالي سان تبديل ٿيندو رهي ٿو .

اي ڊي آر ڪرائيندڙ فرد ان قسم جي ڪم ۾ مدد ڪرڻ لاءِ ماهر/ڄاڻون هوندا آهن ۽ اهي تڪرار ۾ ملوث ڌرين سان ڳالهائڻ، انهن سان گڏ ڪم ڪرڻ ۽ انهن کي حل ڪڍڻ جا ماهر هوندا آهن، انهن ماڻهن جو اهو مقصد هوندو آهي ته اهي سمورين ڌرين کي تڪرار حل ڪرڻ لاءِ انصاف پريو طريقيڪار ڏين.

# اي ڊي آر ADR جا عام طريقا ڪهڙا آهن

عام طور تي استعمال ٿيندڙ اي ڊي آر جي طريقن ۾ ڳالهين، ٺاڪڙي، پرچاءُ ٺاهر، آربيٽريشن ۽ محتسب جون آفيسون شامل آهن .

مذاڪرات
Negotiation

ٺاڪڙي/ پرچاءُ ڪرائڻ
Mediation

پرچاءُ ، ٺاهه
Conciliation

آربيٽريشن
/نبيرو ڪرائندڙ
Arbitration

محتسب جون آفيسون
Ombudsman

# مذاڪرات (Negotiation)

مذاڪرات ۾ اوهان ۽ تڪرار ۾ شامل ٻئي ڌريون هڪٻئي سان سڌي ڳالهه ٻولهه ڪن ٿيون، ان ۾ سيني جي قبولڻ جوڳو حل تلاش ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڏي وٺ به ڪئي وڃي ٿي اهو ڪنهن به وڪيل جي موجودگي کان سواءِ به ڪري سگهجي ٿو، مذاڪرات جي طريقيڪار ۾ ڪابه ٽي ڌر شامل ناهي هوندي.



# ٽياڪڙي (Mediation)

ٽياڪڙي ۾ اوهان ۽ تڪرار ۾ شامل ٻئي ڌريون هڪ ٽي ڌر (ٽياڪڙ/ پرچاءُ ڪرائندڙ) جي مدد حاصل ڪريو ٿا ته جيئن ڪنهن فيصلي تي پهچي سگهو. ٽياڪڙي ٻنهي ڌرين سان ڳالهيون ڪري ٿو ۽ ڪوشش ڪري ٿو ته سڀني لاءِ قبولڻ جوڳو حل ڳولهي وٺي ٽياڪڙي هڪ رضاڪاراڻوطريقيڪار آهي جنهن ۾ ڌريون پنهنجي مرضي سان ڪو فرد چوندين ٿيون جيڪو ٽياڪڙي جو ڪردار ادا ڪري ٿو .



LAS
LEGAL AID SOCIETY

# پرچاءُ ، ٺاھ (Conciliation)

ڪنسيليشن جو ٽياڪڙي وانگر ئي طريقيڪار آهي پر ڪنسيليڪشن ۾ هڪ ٽيو ماڻهو ٺاھ/پرچاءُ ڪرائيندڙ اوهان کي ۽ تڪرار ۾ ملوث ٻين ڌرن کي ماهراڻي صلاح ڏيندو آهي جنهن سان اوهين ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهو ٿا، ڪنسيليشن جو عمل رضاڪاراڻو نه هوندو آهي .



# آربيٽريشن/ نبيرو (Arbitration)

آربيٽريشن عدالتي ٻڌڻي وانگر هڪ عمل آهي جنهن ۾ اوهان ۽ تڪرار ۾ ملوث ٻئي ڌريون هڪ ٽئي فرد (آربيٽريٽر/ نبيرو ڪرائندڙ) وٽ حاضر ٿين ٿا ٻئي ڌريون عام طور تي پنهنجي وڪيلن سان گڏ ايندڙيون آهن، آربيٽريٽر ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌي ڪو فيصلو ڪندو آهي ته اهو تڪرار ڪيئن حل ٿئي.



# محتسب جون آفيسون (Ombudsman)




محتسب جو طريقيڪار رياست طرفان مقرر ڪيل محتسب جيڪو ڏرين/ماڻهن جي شڪايتن جنهن کي خاص طور تي خراب حڪمراني ۽ سرڪاري ملازمن جي حوالي سان هونديون آهن اهي ٻڌندو آهي، هڪ محتسب جاچ ۽ ٻنهي ڌرين کي ٻڌڻ کان پوءِ تڪرار جي حل لاءِ فيصلو ڏيندو آهي .

# اي ڊي آر ADR جا فائدا

### وقت جي بچت

اي ڊي آر جي طريقيڪار سان تڪرار عام طور تي جلدي حل ٿي ويندا آهن، گهٽ ۾ گهٽ ڪجھ مهينن ۾ يا هفتن ۾ ئي جڏهن ته عدالتي طريقيڪار هڪ سال يا ان کان وڌيڪ وقت وٺي ڇڏي ٿو.سب جو طريقيڪار رياست طرفان مقرر ڪيل محتسب جيڪو فردن جي شڪايتن جنهن ڪي خاص طور تي خراب حڪمراني ۽ سرڪاري ملازمن جي حوالي سان هونديون آهن اهي ٻڌندو آهي، هڪ محتسب جاچ ۽ ٻنهي ڌرين کي ٻڌڻ کان پوءِ تڪرار جي حل لاءِ فيصلو ڏيندو آهي .



# رازداري

اي ڊي آر جو طريقيڪار نجي طور تي ٿيندو آهي ۽ : عام طور تي ڌريون سمورو طريقيڪار ۽ نتيجا ڳجها رکڻ تي راضي ٿي وينديون آهن، ان سان ڪين تڪرار جي نتيجن تي سوچڻ جو موقعو ملي ٿو ۽ ان تي ڪوبه عوامي ردعمل نٿو اچي .





# گهٽ خرچ

جڏهن اي ڊي آر ذريعي ڪيس جلدي حل ٿي وڃن ٿا ته پوءِ ڌرين کي وڪيلن جي فيس، ڪورٽ جي فيس ۽ ماهرن جي فيس سميت قانوني چاراجوئي جي ٻين خرچن جي بچت ٿئي ٿي .



# لچڪدار

اي ڊي آر جو طريقيڪار عام طور تي ڪورٽ جي طريقيڪار کان وڌيڪ لچڪدار آهي، ڪورٽن جي ڀيٽ ۾ اي ڊي آر جي طريقيڪار ۾ ڪيترن ئي نتيجن جي اميد ڪري سگهجي ٿي، ڇاڪاڻ ته ڪورٽن ۾ مخصوص فيصلا ۽ طريقيڪار اختيار ڪيا وڃن ٿا .





# مطمئن ڪندڙ

اي ڊي آر ڌرين کي تمام گهڻو مطمئن ڪري ٿو ۽ سمورين ڌرين کي ان ۾ پنهنجو فائدو نظر اچي ٿو .

# رشتن جو بچاءُ

اي ڊي آر طريقيڪار ۾ ان جا نتيجا ان ڳالهه تي ڌيان ڏين ٿا ته اوهان جي لاءِ ڇا اهم آهي يا لاڳاپيل ٻين ماڻهن جي لاءِ اهم آهي، اي ڊي آر جبي طريقيڪار سان اوهان ۾ ٻين لاڳاپيل ڌرين کي رشتا برقرار رکڻ ۾ مدد ملي ٿي .



# طريقيڪار تي اوهان جو ڪنٽرول

اي ڊي آر طريقيڪار ڌرين جي ڪردار کي هٿي ڏئي ٿو ۽ انهن کي طريقيڪار توڙي نتيجن جيڪي انهن جي ضرورتن موجب هجن، انهن تي سندس ڪنٽرول کي وڌائي ٿو، اڪثر اي ڊي آر جبي طريقيڪار ۾ ڌرين کي اهو موقعوملي ٿو ته اهي ڪهاڻي جا سڀ پاسا ٻڌائين جيڪو عدالت ۾ نه ٿي سگهندو آهي .



# انصاف تائين پهچ

اي ڊي آر جبي طريقيڪار سان انهن ماڻهن کي انصاف تائين پهچ ملي ٿي جيڪي عام طور تي عدالتي فيون ادا ڪرڻ جي مسگهه ۾ نه هوندا آهن، اي ڊي آر گهٽ رسمي/رواجي آهي ۽ عام عدالتي مقدمي بازي جي ڀيٽ ۾ ڌرين لاءِ سمجهڻ آسان آهي .



LAS
LEGAL AID SOCIETY

# اي ڊي آر ADR سان لاڳاپيل خدشا



ڪجھ تڪرارن لاءِ غيرموزون اي ڊي آر جو طريقيڪار ڪجھ ڪيسن ۾ استعمال نٿو ڪري سگھجي خاص طور تي اهي جن ۾ تشدد يا وري سنگين ڏوهن ۾ جهڙا تڪرار هجن هر فرد کي ڪنهن به ڏوهي سرگرمي يا تشدد کي پوليس يا لاڳاپيل اُختيارين کي رپورٽ ڪرڻ گهرجي ·

# ضدي/ ناراض مخالف

اي ڊي آر جي طريقيڪار ۾ ٻنهي ڌرين کي شامل ٿيڻو پوندو آهي ان ڪري جيڪڏهن ڪا هڪ ڌر ٺياڪڙي يا تڪرار حل ڪرڻ نٿي چاهي ته پوءِ تڪرار لاءِ عدالت ۾ ئي وڃڻو پوندو .




# ڌرين جي وچ ۾ اختيارين جو وڌاءُ

ڌرين جي وچ ۾ اختيارين جو عدم توازن سان روبرو : ٺياڪڙي بهتر نموني نه ٿيندي جنهن ۾ اڪثر هڪ ڌر کي نقصان ٿي سگهي ٿو، اي ڊي آر طريقيڪار سياسي دٻاءُ يا وڌيڪ خوشحال ماڻهن جي اثر انداز ٿيڻ کان بچيل هجڻ گهٽ ممڪن لڳي ٿو، ان لاءِ عدالتون وڌيڪ بهتر آهن، اهو عدم توازن عمر، رشتن، سماجي رتبي يا مالياتي صورتحال وغيره سان به پيدا ٿي سگهي ٿي .



# ڪوبه مثال نه هجڻ




ٿياڪڙي ذريعي ٿيندڙ فيصلا مستقبل جي ڪيسن ۾ مثال طور استعمال ڪري نٿا سگھجن، اهي گھڻو ڪري ذاتي ۽ ڳجها هوندا آهن جيڪڏهن ڪا قانوني نقطو يا اڳ ٿيل مثال ثابت ڪرڻو آهي ته ان لاءِ عدالت وڃڻو پوندو •

# پاڪستان ۾ اي ڊي آر ADR جو قانوني ڍانچو

## ڪنسيليشن

- سيڪشن 89 اي، ڪوڊ آف سول پروسيجر 1908
- فيملي ڪورٽ ايڪٽ 1964ع
- مسلم فيملي لا آرڊيننس 1961ع

## آربيٽريشن

آربيٽريشن ايڪٽ 1940ع

## ٺاڪڙي

- سيڪشن 89 اي، ڪوڊ آف سول پروسيجر 1908ع
- سمال ڪليمزايند مائينر افينسز آرڊيننس 2002ع

(Small Claims and Minor Offences CourtOrdinance) 2002

## ٻيا

سيڪشن 89 اي ڪوڊ آف سول پروسيجر 1908ع

وفاقي ۽ صوبائي محتسب (اومبڊسمين)

ڪمپائونڊنگ آف افينسز انڊر ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر 1898ع

# ٽياڪڙي لاءِ قانوني ڍانچو

## ٽياڪڙي ڇا آهي؟



ٽياڪڙي هڪ اهڙو طريقيڪار آهي جنهن ۾ شامل ڌريون هڪ ٽياڪڙي جي مدد سان تڪرار سان لاڳاپيل معاملا ڏسنديون آهن ۽ ڪنهن ٺيڪ جوڳي ناهه تي پهچنديون آهن.

ٽياڪڙي جهڙا ڪيس عام طور تي واپار يا ڌوڪڙن جي تڪرارن، گهر جي ڀاتين جي وچ ۾ تڪرار، پاڙيسرين، واپاري ڀائيوارن، زميندار ۽ هارين ۽ مزدور يونين ۽ مالڪن جي وچ ۾ ٿيندا آهن.

# ٽياڪڙ جو ڪردار ڇا آهي؟




ٽياڪڙ هڪ غير جانبدار ٽي ڌر هوندو آهي جيڪو تڪرار ۾ ملوث ڌرين کي پنهنجا معاملا سلجهائڻ ۽ فيصلي تائين پهچڻ ۾ مدد ڪندو آهي.

هڪ ٽياڪڙ ڪو نجي فرد به ٿي سگهي ٿو يا رياست/عدالت پاران مقرر ڪيل به ٿي سگهي ٿو، سنڌ هاءِ ڪورٽ هر ضلعي ۾ ٽياڪڙن جا گروپ مقرر ڪيا آهن جن کي ثالث ڪميٽي چيو وڃي ٿو .

# اوهان ٽياڪڙي تائين ڪيئن پهچي سگهو ٿا؟



ٽياڪڙي ٻن طريقڪن سان ٿي سگهي ٿي هڪ زاتي طور تي يا وري عدالت جي معرفت سان، زاتي ٽياڪڙي ۾ تڪرار ۾ ملوث ٻئي ڌريون ڪنهن ٽياڪڙ وٽ وڃن ٿيون ته جيئن پنهنجو تڪرار حل ڪري سگهن.

عدالت طرفان معرفت ٽيندڙ ٽياڪڙي ۾ جهيڙوڪندڙ ڌرين اڳ ۾ ڪيس ڪيو هوندو آهي ڪورٽ کي اپيل ڪري سگهن ٿا ته سندن معاملو ٽياڪڙ جي معرفت سان حل ڪرايو وڃي، ان ٽياڪڙي جي لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران ٽياڪڙ مقرر ڪيا ويندا آهن .




ڪورٽ جي معرفت ٽياڪڙي کي سيڪشن 89 اي، ڪوڊ آف سول پروسيجر 1908ع ذريعي لاڳو ڪيو ويندو آهي يا وري سمال ڪليمزاينڊ مائينر افينسز آرڊيننس 2002ع جي ذريعي به لاڳو ٿي سگهي ٿو وڌيڪ ڄاڻ لاءِ اوهان اسان جي مفت قانوني ماهرن سان فون نمبر 0800.70806 تي فون ڪري معلومات وٺي سگهو ٿا ۔

# کنسيليشن لاءِ قانوني ڍانچو

## کنسيليشن ڇا آهي

کنسيليشن هڪ طريقيڪار آهي جنهن ۾ ذريون کنسيليٽر جي مدد سان تڪرار نبيرين ٿيون ماهر جي صلاح ۽ قانوني معلومات جي مدد سان تاهه تي پهچن ٿيون.




کنسيليشن ڪيسن ۾ عام طور تي طلاق ۽ ٻار جي نگراني جا معاملا ۽ گهرياتين جي وچ ۾ وراثت، ڪرچي جا معاملا يا ملڪيت جي تڪرارن وارا ڪيس اچن ٿا ٻيا سول معاملا به ڪنسيليشن ذريعي حل ڪري سگهجن ٿا.

# ڪنسليٽر جو ڪردار ڇا آهي



ڪنسليٽر جو ڪردار ٽياڪڙ جي ڪردار وانگر آهي پر عام طور تي اهو خاص ڄاڻ رکندڙ هوندو آهي ۽ قانوني معلومات به مهيا ڪري سگهي ٿو.

جڏهن ته ڪنسليشن عام طور تي عدالتي، ٽربيونل يا گورنمينٽ جي ايجنسين جي طريقيڪار ۾ شامل آهي ان ڪري ڪنسليٽر گهڻو ڪري سرڪار طرفان اختيار. ڏنل ماڻهو هوندو آهي مثال طور يونين ڪائونسلر يا ڪنهن عدالت جو جج .

# اوهان ڪنسيليشن تائين ڪيئن پهچندا

ڪنسيليشن رضاڪاراڻا طور تي يا عدالتي حڪمن تحت يا ڪنهن ٺاهه جي حصي طور تي سگهي ٿي، اوهان رضاڪاراڻا طور تي به ڪنسيليشن تائين پهچ حاصل ڪري سگهو ٿا جيڪڏهن توهان ڪنهن ٺاهه تائين پهچڻ لاءِ پنهنجي تڪرار جي حوالي سان ڪنهن ماهراڻي صلاح جي ضرورت پوي ٿي.

مسلم فيملي آرڊيننس 1961ع جي تحت ڪجھ معاملن ۾ يونين ڪائونسل جي چيئرمين معرفت لازمي ڪنسيليشن ڪرڻي پوندي آهي، جهڙوڪ طلاق، خرچي جا معاملا، ڏاج جي حوالي سان تڪرار يا هڪ ڪان وڌيڪ شادين وارا معاملا. ساڳئين ريت فيملي ڪورٽ ايڪٽ 1964ع به شادي، خانداني معاملن ۾ انهن سان لاڳاپيل ٻين مسئلن لاءِ فيملي جج معرفت لازمي ڪنسيليشن جو چيو وڃي ٿو.



LAS
LEGAL AID SOCIETY

اوهان ڪورٽ کي ڪنهن به هلندڙ ڪيس جي حوالي سان سيڪشن 89 اي، ڪوڊ آف سول پروسيجر 1908ع تحت ڪنسيليشن لاءِ چئي سگهو ٿا جيڪڏهن اوهان انهن قانونن جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ته اوهان اسان جي مفت قانوني ماهرن سان فون نمبر 0800.70806. تي فون ڪري معلومات وٺي سگهو ٿا۔



# محتسب آفيسن جو قانوني ڍانچو

## محتسب جون آفيسون

محتسب جي آفيسن کي عام طور تي پاڪستان ۾ ادارا محتسب چيو وڃي ٿو انهن ۾ پاڪستان جو وفاقي محتسب، صوبائي محتسب جون آفيسون، بينڪنگ محتسب، وفاقي انشورنس محتسب آفيس ۽ وفاقي ٽيڪس محتسب آفيس شامل آهن.



# محتسب آفيس ڪيئن ڪم ڪري ٿي

اهي محتسب جا ادارا ڪواسي جڊيشل ادارا هوندا آهن جيڪي حڪومت جي ڪنهن ايجنسي ۾ خراب حڪمراني جي حوالي سان شڪايتن جي جاچ ڪرڻ ۾ آزاد هوندا آهن ته جيئن عوام کي انصاف ڏئي سگهجي.



# اوهان محتسب جي آفيس تائين ڪيئن پهچي سگهو ٿا

هر محتسب جي آفيس مختلف قانونن خاص طور تي تڪرار جي نوعيت جي حوالي سان ڪم ڪري ٿي پر ڪوبه ماڻهو حڪومت جي ڪنهن به عملدار، ڪاتي/ڪميشن/ڪارپوريشن جي خلاف محتسب آفيس ۾ شڪايت جمع ڪرائي سگهي ٿو.

ان شڪايت جي محتسب آفيس پاران جاچ ڪئي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن حڪومتي ادارو غلط عمل جو ڏوهي قرار ڏنو وڃي ٿو ته محتسب آفيس ان ڏانهن پنهنجون سفارشون انهن ڏانهن اماڻيندو آهي ته جئين ان تي هڪ مخصوص مدت اندر عمل ٿي سگهي.

محتسب جي آفيس ان ڪان پوءِ انهي اداري سان رابطي ۾ رهندو آهي ته سندن هدايتن تي ڪيترو ۽ ڪئين عمل ٿيو، اهو سمورو عمل ڪنهن به شڪايت ڪي 3 ڪان 6 مهينن ۾ حل ڪري ٿو.



LAS
LEGAL AID SOCIETY


ليگل ايڊ سوسائٽي

فنانس ٽريڊ سينٽر،(FTC) بلاڪ سي، پهرين منزل، شاهراهه فيصل ڪراچي.

021–35634112-5
communications@las.org.pk


مفت قانوني مشوري جي لاءِ ، انسان جي ٽول فري نمبر تي هاڻي ڪال ڪريو

# 0800-70806

انصاف سڀني جو حق آهي